# شاہ عبداللطیف

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب ١١٣

# حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه

(پندرهين صدي هجري جشن ڪميٽيءَ جي تعاون سان)

ليکڪ

مـــراد علي مرزا

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

پـــاران

هجري مطبوعات ڪميٽي

يونيورسٽي گرانٽس ڪميشن بلڊنگ - اسلام آباد

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اداري جا سڀ حق ۽ واسطا قائم

ڇاپو پهريون ]                [تعداد ٥٠٠٠

ڊسمبر ١٩٨٤ع مطابق ربيع الثاني ١٤٠٥هه

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

قيمت :- ٠٠-٧

ڪور ڊزائين :- خدا بخش ابڙو

هي ڪتاب آشڪار پرنٽرز ڊي/١٠٩، يونٽ نمبر ٨ لطيف آباد ۾ ڇپيو
۽ مهتاب اڪبر راشدي، ڊائريڪٽر انچارج انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي
نئون ڪئمپس ڄامشورو، ضلعي دادو سنڌ مان پڌرو ڪيو.

www.sindhsalamat.com    books.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان

شاه عبداللطيف ڀٽائي سنڌي زبان جو اهو شاعر آهي جيڪو ڀاڄ سنڌ جي نالي سان ۽ سنڌ سنڌس نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. دنيا ۾ اهڙا مثال تمام گهٽ ملن ٿا. جتي شاه لطيف سنڌ کي سنڌي زبان کي ايترو ڪجهه ڏنو آهي، اتي سنڌي ادارن تي لطيف سائينءَ جو اهو حق ٿئي ٿو ته سنڌس شاعري ۽ شخصيت تي وڌ ۾ وڌ ڪم ڪرائي ڇپايو وڃي. سنڌس اهو حق انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ تي پڻ ٿئي ٿو.

انهيءَ ۾ ڪو شڪ نه آهي ته مختلف ادارن ۽ مختلف اديبن، محققن ۽ نقادن شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪلام ۽ سوانح تي گهڻو ڪجهه ڪم ڪيو آهي ۽ ساراه جوڳو ڪم ڪيو آهي. پر لطيف جو نالو ايڏو ته وڏو آهي جو ان تي جيترو ڪم ٿئي اوترو گهٽ آهي.

اسان وٽ سنڌي زبان ۾ خاص طور تي جيڪا کوٽ محسوس ڪئي ٿي وڃي اُها اها آهي تہ سنڌ جي عظيم شخصيتن تي ٻارن لاءِ سنڌيءَ ۾ تمام گهٽ ڪتاب ملن ٿا. بلڪ ملن ئي ڪونہ ٿا. اها ڳالهه من ۾ ڌري اسان اهو فيصلو ڪيو آهي ته ٻارن لاءِ اهڙي قسم جا ڪتاب ڇپايا وڃن، تہ جيئن اسان جو نئون نسل انهن وڏن شخصين جي باري ۾ ڄاڻ سڃاڻ حاصل ڪري.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪتاب ڇپائڻ جي انهيءَ پروگرام تحت اسان سڀ ڪان وڏيڪ جنهن شخصيت کي اهميت ڏني آهي، اُها شاهه سائينءَ جي شخصيت آهي. هيءُ ڪتاب اُسان جي انهيءَ پروگرام جو نتيجو آهي.

ڪتاب ۾ مختصراً سولي زبان ۾ شاهه عبداللطيف جي سوانح حيات ڏني ويئي آهي. اُسان کي اُميد آهي ته اسان جي هيءَ محنت ننڍن ٻارن ۾ پڙهڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندي.

مهتاب اڪبر راشدي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

( ١ )

اَول اَللهُ عليم اعليٰ، عالـــم جو ڌڻـــي؛
قــادرُ پنهنجي قدرتاسين قائم آهِ قديم،
والـــي، واحِد، وَحَدهٗ، رازق، رب رحيم،
سو ساراهِ سچو ڌڻـــي، چئي حمد حڪيم؛
ڪري پاڻ ڪريم جوڙون جوڙ جهان جي.

( ٢ )

وحدهٗ لاشريڪ لهٗ، جان تو چئين اينئن،
تان مڃ محمد ﷺ ڪارڻي نرتون منجهان نينهن،
سو تون وڃيو ڪئين نائين ڪنڌ ٻين کي؟

( ٣ )

وحــدهٗ لاشريڪ لــهٗ، جڏهـن چيو جـــن،
تن مڃيو محمد ﷺ ڪارڻي هيجان ساڻ هِنيَن،
تڏهن منجهان تن اوتـــڙ ڪونـہ اوليو.

( ٤ )

وحدهٗ لاشريڪ لــهٗ، جـــن اتوسين ايمان،
تـــن مڃيو محمد ﷺ ڪارڻي قلب ساڻ لسان،
اوءِ فائق ﷺ فرمان، اوتـڙ ڪنهن نہ اوليا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جي حياتي

هر ٻوليءَ جو ڪو نہ ڪو اهڙو شاعر هوندو آهي، جنهن جي شاعريءَ سان اُها ٻولي سڃاتي ويندي آهي. سنڌي ٻوليءَ جو اهڙو شاعر حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمۃ الله عليه آهي، جنهن جي سدا حيات شاعريءَ جي ڪري سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي سڄيءَ دنيا ۾ ڄاتو ۽ سڃاتو وڃي ٿو.

شاهہ لطيف سنڌ جي صوفين ۽ بزرگن جي خاندان مان هو. سندس ڏاڏي جو ڏاڏو حضرت شاهہ عبدالڪريم بلڙيءَ وارو پڻ سنڌيءَ جو شاعر ۽ صوفي بزرگ هو. جنهن ١٠٣٠هہ ۾ وفات ڪئي. شاهہ ڪريم جو روضو بلڙيءَ ۾ آهي، جتي هر سال ٥- ذوالقعد تي ميلو لڳندو آهي.

شاهہ لطيف جو والد سيّد حبيب شاهہ پڻ پنهنجي وقت جو هڪ بزرگ ۽ عالم هو، جيڪو مٽياريءَ ۾ رهندو هو. پوءِ ڪن سببن جي ڪري اُتان لڏي ويجهوئي ڀئي پور نالي هڪ ننڍي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. اُتي سن ١١٠٢هہ مطابق سن ١٦٨٩ع ۾ کيس هڪ پٽ ڄائو، جنهن جو نالو عبداللطيف رکيو ويو ۽ جيڪو اڳتي هلي شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي نالي سان سڄيءَ دنيا ۾ مشهور ٿيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان بہ راند رهيائين پر ڪڏهن بہ ڪنهن ساهہ واري کي تڪليف نہ ڏنائين.

اهڙيءَ طرح ڪونڙي مغل ڳوٺ ۾ رهندي شاهہ لطيف جي عمر اچي ارڙهن سال ٿي. ان وقت هڪ اهڙو واقعو ٿيو جنهن سندس زندگيءَ ۾ وڏو ڦيرو آندو. سندس والد شاهہ حبيب جا ڪيترائي مريد هوندا هئا، جن ۾ هڪ مرزا بيگ مغل بہ هو، جيڪو ڪونڙي مغل جو امير ۽ وڏو ماڻهو هو. سندس خاندان ۾ جڏهن بہ ڪو بيمار ٿيندو هو، تہ پنهنجي مرشد شاهہ حبيب کي دعا ڪرڻ جي لاءِ گهرائيندو هو. هڪ ڀيري هن جي وڏي نياڻي بيمار ٿي پئي. هن شاهہ حبيب ڏانهن نياپو موڪليو تہ اچي دعا ڪريو تہ نينگري تندرست ٿئي. اتفاق سان اُن ڏينهن شاهہ حبيب پاڻ بہ بيمار هو. تنهنڪري هن پنهنجي پٽ شاهہ لطيف کي دعا پڙهڻ جي لاءِ اُماڻيو. شاهہ لطيف جڏهن اُتي پهتو تڏهن پردي ۾ ويٺل بيمار ڇوڪريءَ جي چيچ پنهنجي هٿ ۾ وٺي چيائين تہ:

جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نہ ڪو لوڏو.

انهيءَ ڳالهہ جي ڪري مرزا بيگ مغل سخت ڪاوڙجي پيو. جيتوڻيڪ سندس ڌيءَ تندرست ٿي ويئي، پر هن شاهہ لطيف ۽ سندس خاندان وارن کي ستائڻ ۽ تڪليف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي؛ اِنهيءَ ڳالهہ جي ڪري شاهہ لطيف کي ڏاڍو ڏک ٿيو.

اُنهن ئي ڏينهن ۾ ڪي فقير ڪونڌڙي مغل آيا هئا. شاهہ لطيف اُنهن فقيرن وٽ وڃي ويهندو هو ۽ جڏهن اُهي ڳوٺ مان روانا ٿيا، تڏهن پاڻ بہ اُنهن سان گڏجي ويو. اهڙيءَ ريت شاهہ لطيف اُنهن فقيرن ۽ سنياسين جي سنگت ۾ پنهنجي ڏکويل دل کي وندرائڻ لاءِ سنڌ ۽ اوسي پاسي جي سير سفر تي روانو ٿيو.

اهو ڄڻ تہ شاهہ لطيف جو تعليمي سفر هو. ان سفر ۾ پاڻ پورين گنجي ڏکر تي جوڳين جا آستانا ڏٺائين. اتان هيلايا جي ٽڪري ۽ ڪينجهر ڍنڍ ڏانهن ويو، جتان ٿي پنيور پهتو. پنيور مان روانو ٿي حب ندي ٽپي، جبلن جي ڏکين لڪن مان لنگهي، هاڙهي جبل کان ٿيندو هنگلاج ويو. اتان وري لس ٻيلي ۽ قلات جي علائقن مان ٿيندو ٺٽي ۾ آيو. ٺٽي مان وري ڪراڙ پرڳڻي (شاهہ بندر) جو سير ڪري ڪڇ ڀڄ ويو. اتان ٿيندو ڪاٺياواڙ ۽ جوناڳڙهہ ڏسندو، ٿرپارڪر جي علائقي ۾ گهمندو، جيسلمير کان ڏهہ ميل پري لداڻڪي شهر ۽ ۽ ڪاڪ نديءَ تائين پهتو. انهيءَ سفر کان پوءِ شاهہ لطيف حيدرآباد واري لاڙ جو بہ سفر ڪيو ۽ وچوليءَ سنڌ مان گهمندو اتر سنڌ ڏانهن روانو ٿيو، جتي شڪارپور ۽ دراڙن ۾ بہ رهيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح شاه لطيف پنهنجي وقت جي وڏن ۽ مشهور شهرن، ڳوٺن ۽ وسندين کي ڏٺو. اتي جي سياڻن ۽ سگهڙن جي صحبت ۾ اٿيو ويٺو ۽ انهن کان ساڃهه ۽ سياڻپ جون ڳالهيون سکيون.

اُسرندڙ جوانيءَ جي ان سفر ۾ شاه لطيف غريب ۽ پورهيت ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ سندن ڪرت ڪاروبار کي ويجهڙائي کان ڏٺو، سندن راڳــ جي محفلن ۾ ويٺو، ماڻهن ۾ جيڪي ڳالهيون ۽ ڪهاڻيون مشهور هيون، اُهي ٻڌيون؛ سامونڊي ڪناري تي رهندڙ ميربحرن ۽ ٻيڙياتن جي ڏکي زندگيءَ جي ڄاڻ حاصل ڪئي؛ جابلو علائقن ۽ واريااسن پٽن ۾ رهندڙ ماڻهن جي ريتن رسمن مان پاڻ کي واقف ڪيو. اهڙيءَ ريت شاهہ لطيف پورا ٽي ورهيه اهو سير سفر ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي ڳوٺ ڏانهن موٽي آيو.

انهيءَ ڊگهي سفر شاه لطيف جي سوچ ۽ ويچار تي تمام گهڻو اثر ڪيو. ننڍي هوندي کان ئي آڪيلائي ۾ رهڻ ۽ سوچڻ ويچارڻ جي عادت هوندي هئس، وري جو ان سفر ۾ سنڌ جي عام ماڻهن جي زندگيءَ جي انيڪ روپن کي ڏٺو هئائين، تہ وڌيڪ سوچڻ ويچارڻ لڳو ۽ ڳوٺ جي ٻاهران جهنگ جي ماٺيڻي ماحول ۾ زندگيءَ جي اسرارن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سمجهڻ جي پيو ڪوشش ڪندو هو. شاهه لطيف شايد ان زماني ۾ ئي شعر چوڻ شروع ڪيو هوندو.

شاهه لطيف جڏهن ڳوٺ موٽي آيو هو ته هڪڙي ڏينهن مرزا بيگ مغل جي حويليءَ تي ڪن چورن حملو ڪيو ۽ زالن کان زر زيور ڦري هليا ويا. اُن وقت مرد گهرن مان ٻاهر ويل هئا. جڏهن کين خبر پئي تڏهن چورن جي پٺيان ويا. شاهه لطيف ڳوٺ جو ننگ سيڃاڻندي هنن سان وڃڻ جي لاءِ تيار ٿيو، پر مرزا بيگ مغل سندس مدد وٺڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو ۽ پنهنجي خاندان جا مرد ساڻ ڪري چورن جي پٺيان ويو. نيٺ وڃي چورن سان منهن مقابل ٿيا. ان ويڙهه ۾ مرزا بيگ مغل ۽ سندس خاندان جا سيئي مرد مارجي ويا، جنهن ڪري سندن عورتن تي ايترو ته اثر ٿيو جو وڃي شاهه حبيب جي پناهه ۾ ويٺيون. پوءِ سنت ٿي شاهه لطيف جي شادي مرزا بيگ مغل جي اُن نياڻيءَ سان ٿي جنهن لاءِ فرمايو هئائين ته:

جنهن جي آڱر سيد هٿ ۾، تنهن کي لهر نه لوڏو.

شاديءَ کان پوءِ شاهه لطيف پنهنجي حياتي ان ڳوٺ ۾ ئي گذارڻ لڳو. هن پنهنجي سفر ۾ جيڪي تجربا حاصل ڪيا هئا، تن کي هاڻي شعرن ۾ بيان ڪرڻ لڳو. پاڻ شعر چوندو هو ۽ سندس دوست ۽ مريد اُهي شعر ياد ڪري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس محفل ۾ ڳائيندا هئا. آهستي آهستي شاهه لطيف جو
ڪلام ۽ راڳ سندس ڳوٺ مان نڪري سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ
۾ پهچي ويو. تنهن ڪري پري پري کان ماڻهو کهي اچي
سندس راڳ ۽ شعر ٻڌي محفلن ۾ مڙندا هئا. اُن وقت جي
ٻين پيرن فقيرن جڏهن ڏٺو ته ماڻهو شاهه لطيف ڏانهن ڇڪبا
وڃن، تڏهن هنن کي اها ڳالهه نه وڻي ۽ هنن اُن وقت جي
سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد ڪلهوڙي کي دانهون ڏنيون.
هنن پاڻ به شاهه لطيف کي هرقسم جون تڪليفون ڏنيون ۽
مٿس بهتان مڙهيا، پر شاهه لطيف صبر ۽ شڪر کان ڪم ورتو
۽ انهن ڳالهين ڏانهن بلڪل ڌيان نه ڏنو.

هڪڙي ڀيري شاهه لطيف پنهنجي ڏاڏي شاهه عبدالڪريم
بلڙيءَ واري جي مقبري جي مرمت جي لاءِ ملتان مان ڪاشيءَ
جون سرون وٺي ويو. اُهي سرون ڪٽائي جڏهن درياءَ جي
رستي هالا جي ويجهو خدا آباد پهتو، جيڪو اُن وقت سنڌ
جي گاديءَ جو هنڌ هو، تڏهن سنڌ جي حاڪم ميان نور محمد
ڪلهوڙي زهرمليل معجون جي دٻلي سوکڙي ڪري شاهه لطيف
ڏانهن موڪلي. هن سمجهيو هو ته شاهه لطيف اها معجون
کائيندو ۽ ان ۾ مليل زهر جي اثر ڪري مري ويندو. پر
شاهه لطيف اها سوکڙي وٺي درياءَ ۾ اُڇلي ڇڏي، جو ڪيس
خبر هئي ته اها دوست وٽان نه پر دشمن وٽان آئي هئي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻئي ڀيري وري ميان نور محمد ڪلهوڙي، شاهه لطيف جي دعوت ڪئي ۽ کيس سونن سنجن واري هڪ چٽي گهوڙي سوکڙيءَ ۾ ڏني. هن جو خيال هو ته شاهه لطيف ان تي سوار ٿيندو ته کيس پٽ تي ڪيرائي ماريندي. پر شاهه لطيف ان چٽي گهوڙيءَ تي سوار ٿي آرام سان گهمي ڦري آيو. ميان نور محمد ڪلهوڙي جڏهن اهو لقاءُ ڏٺو ته اچي ٻپ ورايس ۽ ڦري شاهه لطيف جو دوست ٿي پيو.

ڪوٽڙيءَ مغل کان چئن ميلن جي پنڌ تي هڪ ڀٽ يا دڙو هو، جنهن جي ويجهوئي ڪراڙ ڍنڍ هئي. انهي ڍنڍ جي ڪري اُتي پري پري تائين ساوڪ ۽ وڻڪار هئي. شاهه لطيف کي اُهو هنڌ ۽ اُن جي اوسي پاسي وارو نظارو ڏاڍو وڻندو هو؛ تنهن ڪري پنهنجا دوست ۽ مريد ساڻ ڪري ان هنڌ ويو ۽ دڙو سڌو ڪري پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي ساٿين لاءِ گهر اڏي اتي رهڻ لڳو. پوءِ ان دڙي کي شاهه لطيف جي نالي تي ”ڀٽ شاهه“ سڏيو ويو.

شاهه لطيف جو پيءُ شاهه حبيب ڪوٽڙي مغل ۾ ئي رهيو پيو هو، جتي شاهه لطيف جي گهرواري وفات ڪري ويئي هئي. ان بيبيءَ مان شاهه لطيف کي ڪوبه اولاد ڪونه ٿيو هو. تنهن ڪري سندس وفات کان پوءِ شاهه لطيف جي دل ڪوٽڙي مغل ۾ نه لڳي هوندي ۽ لڏي وڃي ڀٽ شاهه وسائي هوندائين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پٽ شاهه جي سانتيڪي ۽ مانيٺي ماحول ۾ شاهه لطيف انساني زندگيءَ تي تمام گهڻو غور ويچار ڪيو، شعر جوڙيا ۽ راڳ جون محفلون ڪيون. اُتي به سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان شاهه لطيف سان عقيدت رکڻ وارا ڪهي اچي سندس ديدار ڪندا هئا ۽ سندس شعر ٻڌي ۽ راڳ جي محفلن ۾ ويهي پنهنجي روح جي راحت حاصل ڪندا هئا.

شاهه لطيف هڪ تمام نيڪ ۽ ڀاڄهارو انسان هو. پاڻ قد جو وچولو ۽ بت جو پورو پنو هو. رنگ ڪليل، پيشاني وڏي، اکيون سهڻيون ۽ چلڪندڙ ۽ سونهاري گهاٽي هئس. غريبن، مسڪينن ۽ يتيمن جو وڏو همدرد هو ۽ اميرن ۽ ڪامورن کان پري رهندو هو. سندس دل پيار محبت ۽ رحم سان ڀريل هئي. ڪڏهن ڪنهن جيو کي به تڪليف نه ڏنائين. دل جو سخي ۽ خيال ۽ عمل جو پاڪ هو. سادو کائيندو هو ۽ سادو پهريندو هو. گيڙو رنگ جو ڊگهو پهراڻ ۽ مٿي تي ڊگهي ٽوپي پائيندو هو. هٿ ۾ ڊگهي لٺ کڻندو هو ۽ ڪلهي ۾ ڪشتو هوندو هوس. سندس اهي شيون اڄ به پٽ شاهه تي ميوزيم ۾ رکيون آهن.

پٽ شاهه تي رهندي کي سال ٿيا ته هڪڙي ڏينهن ڪوٽڙي مغل مان شاهه حبيب جي وفات جو نياپو آيو. شاهه لطيف کي ڏاڍو ڏک ٿيو. هو پنهنجي مريدن سميت ڪوٽڙي

مغل روانو ٿيو ۽ پنهنجي پيءُ جو آخري ديدار ڪري سندس ميت ڪٽائي ڀٽ شاهه تي اچي دفن ڪيائين.

شاهه حبيب سال ١١٥٥هه مطابق ١٧٤٢ع ۾ وفات ڪئي. ان وقت شاهه لطيف جي عمر ٥٣ ورهيه هئي. پيءُ جي وفات جو شاهه لطيف جي دل تي ڏاڍو اثر ٿيو. پاڻ ڪاري ڪفني پاتائين ۽ دنيا جا لڳ لاڳاپا ٽوڙي الله تعاليٰ جي عبادت ۾ گذارڻ لڳو. ان وچ ۾ ڪربلا جي زيارت ڪرڻ جو به اراده ڪيائين، پر ان پاسي وڃي نه سگهيو. ڪيس ان جو به ڏاڍو ڏک ٿيو. اهڙيءَ طرح پنهنجي حياتيءَ جا آخري ڏهه سال ڏاڍي سوچ ويچار ۽ غور فڪر ۾ رهي پنهنجو آثرائتو ڪلام چوندو رهيو، جيڪو سندس فقير ڏڪائتن سرن ۾ ڳائيندا هئا. حياتيءَ جي انهن آخري ڏينهن ۾ هڪڙي ڏينهن شاهه لطيف وهنجي آچي چادر ويڙهي پنهنجي ڪوٺڙيءَ ۾ ڪنڊ جهڪائي ڏٺي تعاليٰ جي عبادت ۾ ويهي رهيو. ٻاهر مريد شاهه جو ڪلام ڳائيندا رهيا. چوٿين ڏينهن مريد سندن ويجهو ويا. ڏسن ته شاهه لطيف هن دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو هو. اها صفر مهيني جي ١٤ تاريخ هئي ۽ سال ١١٦٥هه مطابق ١٧٥٢ع هو.

شاهه لطيف جي پنهنجي وصيت مطابق سندس خاڪي جسم کي ڀٽ شاهه تي دفن ڪيو ويو، جتي اُن وقت جي

سنڌ جي حاڪم مياں غلام شاهه ڪلهوڙي، جيڪو چون ٿا تہ شاهہ لطيف جي دعا سان پيدا ٿيو هو، سندس قبر جي مٿان هڪ عاليشان ۽ سهڻو مقبرو ٺهرايو. اهو مقبرو اُن وقت جي مشهور رازي اُستاد عيدن سال ١١٦٧هہ مطابق ١٧٥٤ع ۾ جوڙي راس ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جو زمانو

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جو زمانو سنڌ ۾ سياسي سماجي ۽ اقتصادي سڌاري جو دؤر هو.

شاهہ لطيف جي ڄمڻ کان هڪ سؤ سال کن اڳ سن ١٥٩٢ع ۾ هندستان جي بادشاهہ اڪبر سنڌ کي دهليءَ جي حڪومت هيٺ آڻي ان کي اُتر سنڌ ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ ورهايو. اُتر سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ٻکر هو ۽ ڏکڻ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ ٺٽو. جتي اڪبر بادشاهہ جا گورنر يا صوبيدار حڪومت ڪندا هئا. اُهي گورنر اُتر سنڌ ۾ سن ١٧٠١ع تائين هئا. شاهہ لطيف جي ڄمڻ وقت هندستان جو بادشاهہ اورنگزيب عالمگير هو. ان بادشاهہ جي حڪومت واري زماني ۾ اُتر سنڌ جي هڪ سردار ميان يارمحمد ڪلهوڙي ايترو تہ سياسي زور ورتو جو بادشاهہ کيس سن ١٧٠١ع ۾، اُتر سنڌ (ٻکر ۽ سيوستان جي علائقن) تي حڪومت ڪرڻ جي سند يا اختيار ڏنو. اُن وقت شاهہ لطيف جي عمر ٻارهن ورهيہ هئي.

اورنگزيب عالمگير سن ١٧٠٧ع ۾ وفات ڪئي ۽ مغل حڪومت جو زوال شروع ٿيو. پر ڏکڻ سنڌ ۾ ٺٽي تي اڃا تائين مغل صوبيدار حڪومت ڪندا رهيا. انهن مان هڪ

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوبيدار نواب اعظم خان جي حڪومت وارن ڏينهن ۾ (سال ١٧١٥ کان ١٧١٨ع) تائين سنڌ ۾ سخت ڏڪار پيو. وري سال ١٧١٨ع ۾ جهوڪ شريف جي هڪ صوفي بزرگ حضرت شاهه عنايت الله ۽ سندس ڪيترن ئي مريدن کي زميندارن ۽ مغل صوبيدار سازش ڪري شهيد ڪرائي ڇڏيو. اُن وقت شاهه لطيف جي عمر ٢٨ ورهيه هئي،

هوڏانهن اتر سنڌ ۾ ميان يارمحمد ڪلهوڙي پنهنجي ارڙهن ورهين جي حڪومت جي عرصي ۾ دائودپوٽن سان جنگيون ڪيون ۽ پنهنجيءَ حڪومت کي مضبوط ڪيو. جڏهن سن ١٧١٩ع ۾ هن وفات ڪئي تڏهن سندس پٽ ميان نورمحمد کي مغل بادشاهه محمد شاهه ساڳيا لقب ۽ اختيار ڏئي اتر سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو. ميان نورمحمد ڪلهوڙي به دائودپوٽن ۽ قلات جي بروهين سان جنگيون ڪيون، جن ۾ کيس ڪاميابي ٿي. سال ١٧٣٦ع ۾ بکر جو قلعو ۽ پسگردائيءَ جا علائقا به سندس حوالي ٿيا ۽ هڪ سال پوءِ سال ١٧٣٧ع ۾ هن مغل بادشاهه کان ساليانو ڍل تي ڏکڻ سنڌ جو علائقو به ورتو. اهڙيءَ ريت جڏهن شاهه لطيف جي عمر ٤٨ ورهيه هئي، تڏهن سنڌ مغل بادشاهت جي قبضي مان نڪري هڪ خودمختيار ۽ آزاد ملڪ ٿيو. جنهن سنڌ جي ئي هڪ گهراڻي ڪلهوڙن جي حڪومت قائم ٿي. پر جلد ئي ايران جي بادشاهه

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ اُن زماني ۾ هڪ زرعي ملڪ هو: يعني ماڻهن جو گذران گهڻو ڪري ٻنيءَ ٻاري تي هوندو هو. ڳوٺ ننڍا پر تمام گهڻا هئا. ڳوٺاڻا ڪچن يا ڪکاون گهرن ۾ رهندا هئا. سنڌ جن خاص کاڌو ٻاجهر، جوئر، چانور، ڏڌ، مکڻ ۽ کير هو. سواريءَ جي لاءِ ٻيل گاڏي، گهوڙو، اُٺ ۽ گڏهه هئا. ڳوٺ جي خاص جاءِ مسجد يا ڪنهن پير فقير جي درگاهه هئي، جيڪا پڪ سري ۽ سهڻي آڏاوت واري هوندي هئي. ڳوٺاڻن جي وندر ورونهن جي لاءِ ڳوٺ جي وڏيري جي اوطاق يا ڪنهن درگاهه سان لڳو اوتارو هوندو هو، جتي غريب غربو ڳائي وڄائي پاڻ وندرائيندو هو. ماڻهو گهڻو ڪري ڪنهن نه ڪنهن پير يا سيد جا مريد هوندا هئا.

مغلن جي زماني کان وٺي ڪلهوڙن جي حڪومت جي شروعاتي ڏينهن تائين سنڌ زراعت، واپار ۽ هنر ۾ چڱي ترقي ڪئي هئي. ٺٽي، سيوهڻ ۽ نصرپور ۾ تمام سنو ۽ سهڻو ڪپڙو ٺهندو هو، جيڪو ٻاهرين ملڪن ڏانهن به موڪليو ويندو هو. جنڊي، ڪاشي ۽ چمڙي جو ڪم به تمام سٺو ٿيندو هو ۽ اهي شيون به ٻاهر موڪلبيون هيون. ڪڻڪ، جوار، ٻاجهري ۽ چانور عام جام هوندا هئا؛ ۽ کير، مکڻ، گوشت، ڀاڄين ۽ ميون جي ڪا کوٽ نه هئي. سنڌ جو واپار ٻاهرين ملڪن سان هجڻ جي ڪري لاهري بندر، اورنگا بندر، وستي بندر

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ شاهبندر تي سنڌي جهاز ۽ ٻيڙا ۽ ٻاهرين ملڪن جا غوراب ايندا ويندا هئا.

شاهه لطيف جي زماني ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي ديني عالم صوفي بزرگ، شاعر ۽ سگهڙ موجود هئا، جن سان شاهه لطيف جون گڏجاڻيون ۽ روح رهاڻيون ٿيون. ميون شاهه عنايت رضوي، شاهه عنايت الله صوفي شهيد، خواجه محمد زمان لنواري جو بزرگ، ٺٽي جا مشهور عالم مخدوم محمد معين (مخدوم ٺارو)، مخدوم محمد هاشم، درازن جو مشهور بزرگ ميان صاحبڏنو، سيد محمد بقا لڪياري، مٽيارين جو مولانا سيد شهمير متعلوي، مخدوم صابر ولهاري، مخدوم عبدالرحيم گرهوڙي، هندو صوفي ۽ شاعر مدن ڀڳت ۽ ٻيا ڪيترائي مشهور ماڻهو ان زماني ۾ موجود هئا، جن سان نه رڳو شاهه لطيف جي دوستي هئي، پر پاڻ ون کي ويندو هو ۽ اهي به وٽس ايندا ويندا هئا.

اهو هو تاريخي ۽ سماجي ماحول، جنهن ۾ شاهه لطيف اک کولي ۽ پنهنجي حياتيءَ جا ٦٣ ورهيه گذاريا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ لطيف جي شاعري

حضرت عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه جي شاعري سنڌي ٻوليءَ جي پراڻي شاعريءَ جو هڪ اعليٰ نمونو آهي.

شاعري قدرت جي هڪ اهڙي ڏات آهي، جيڪا ڪن ڪن ماڻهن کي نصيب ٿيندي آهي. جيتوڻيڪ شاعر به ذَسڻ ۾ ٻين ماڻهن ئي جهڙو هوندو آهي، پر مزاج توڻي ذهني سوچ جي خيال کان هن ۾ ۽ ٻين ماڻهن ۾ فرق ٿئي ٿو. ٻين ماڻهن جي ڀيٽ ۾ شاعر وڌيڪ حساس هوندو آهي؛ يعني هو هر ڳالهه کي وڌيڪ محسوس ڪندو آهي يا وري هر ڳالهه جو مٿس زيادہ اثر ٿيندو آهي. پوءِ اُن احساس يا اثر کي پاڻ وڌيڪ زوراڻتي انداز سان لفظن جي روپ ۾ ظاهر ڪري سگهندو آهي. خيالن ۽ احساسن کي ظاهر ڪرڻ جو وسيلو لفظ هوندا آهن ۽ شاعر به لفظن کي ئي ڪتب آڻيندو آهي. پر هو اُنهن لفظن جي ترتيب اهڙي ته رکندو آهي، جو اُنهن کي پڙهي يا ٻڌي هڪ عجب جهڙو اثر محسوس ٿيندو آهي. مثال طور مارئي عمر جي قيد ۾ بند آهي. هاڻي هوءَ چوي ٿي ته شال آءُ اِن قيدخاني ۾ نہ مران.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي آءٌ زنجيرن ۾ بدل، ٻئي رات ڏينهن رڳان. ٻهرين آءٌ پنهنجي وطن وڃان، پوءِ ڀلي منهنجا ڏينهن پورا ٿين.

ان خيال کي شاهه لطيف شعر ۾ هيئن آندو آهي:

الله اڳين م هوءِ، جيئن آءٌ مران بند ۾،
جسو زنجيرن ۾، راتـو ڏينهان روءِ،
ٻهرين وڃان لوءِ، پوءِ مر پڄنم ڏينهڙا.

مطلب ته ڪنهن به خيال کي تـز لفظن ۾ سهڻيءَ ترتيب سان بيان ڪرڻ جو نالو شاعري آهي ۽ شاهه لطيف وٽ اهڙا لفظ ۽ اهڙي ترتيب سندس سموري ڪلام ۾ ڏسجي ٿي.

شاهه لطيف پنهنجو ڪلام ٻن صورتن ۾ چيو آهي؛ هڪ ڏوهيڙو (اصل لفظ دهرو يعني ٻيڻو آهي) يا بيت ۽ ٻيو وائي.

ڏوهيڙي ۾ ٻه مصراعون يا سٽون هونديون آهن. مثال طور:

ڪاڏ تنهنجي پاند ري، سنجهي سيءَ مران،
ڪامل ڪپاهن ۾؛ پيئي ڏار ڏسـران.

ڏوهيڙو يا بيت سنڌي شاعريءَ جـو تمام پراڻو نمونو آهي ۽ پراڻا شاعر اهي ٻن سٽن يـا مصراعن وارا ڏوهيڙا يـا بيت چوندا هئا. پر پوءِ انهن ۾ مصراعن جو واڌارو ڪيو ويو ۽ شاهه لطيف ته ڏون مصراعن وارا بيت به چيا آهن. انهيءَ کان سواءِ پراڻن ڏوهيڙن ۾ قافيو هر مصرع جي آخر ۾ رکيو ويندو هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مثال طور:

جوڙو مت اوڙو، آءِ تماچي آءِ
ٻاجهاري ٻاجهه پئي، توسين ٽٽو راءِ.

مٿئين بيت ۾ قافيو آءِ ۽ راءِ آهي. ٻر ٻوءِ شاعرن بيت يا ڏوهيڙي جي ان ترتيب ۾ ڦيرڦار ڪري ان ۾ اندريان قافيا به استعمال ڪيا:

آڳهو ڪاڻو ڪڇ، ماڻڪن موٽ ٿي،
پلئه پايو سچ، آچيندي لڄ مران.

هن بيت ۾ ”ڪڇ ۽ سچ“ اندريون قافيو آهي. وري ڪن بيتن يا ڏوهيڙن ۾ اندريان توڻي ٻاهريان قافيا به استعمال ڪيا ويا:

جوڳيءَ تي جڙاءِ، نسوروئي نيڻهن جو،
پتنگ جيئن پهدا ٿيو، سامي سڄ وڙاءِ،
آيو ڪاڪ تڙاءِ، ڪنوارين ڪڪوريو.

اهي ڏوهيڙا يا بيت هندي ڇند وديا جي اُصولن مطابق چيا ويندا هئا. جن ڏوهيڙن ۾ قافيا ٻنهي مصراعن جي آخر ۾ اچن، اُنهن کي دوها چئبو ٿو. پر جن ڏوهيڙن ۾ اندريان قافيا هجن، اُنهن کي سورٺا سڏيو وڃي ٿو.

ڇند وديا موجب دوهن توڙي سورٺن ۾ ڪل ۴۸ ماترائون هونديون آهن. هر مصرع ٻن حصن يا پدن ۾ هوندي آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ بيت يا ڏوهيڙو چئن حصن ۾ هوندو آهي. انهن چئن حصن مان پهرئين ۽ ٽئين حصي ۾ ١٣-١٣ ماترائون هجن، ۽ ٻئي ۽ چوٿين حصي ۾ ١١-١١ ماترائون هجن ۽ ٻئي ۽ چوٿين حصي ۾ ١٣-١٣ ماترائون هجن ته اُن کي سورٺو دوهو سڏيو ويندو. پر سنڌي شاعرن پنهنجيءَ ضرورت مطابق ڏوهيڙن توڙي سورٺن جي ماترائن کي گهٽايو يا وڌايو آهي.

۽ دوها ۽ سورٺا جي ميلاپ وارا بيت پڻ چيا آهن. اهڙن بيتن ۾ پهرين مصرع دوهي جي هوندي آهي ته ٻي مصرع سورٺي جي، يا وري پهرين مصرع سورٺي جي ته ٻي وري دوهي جي. ان جو مثال هيءَ بيت آهي:

پاڻيهاريءَ سرپهڙو، جر تي پکيءَ جيئن،
اسان سڄڻ تئن، رهيو آهي روح ۾.

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ انهن دوهن ۽ سورٺن ۽ اُنهن جي ميلاپ جا کيترائي مثال ملن ٿا.

شاهه لطيف جي شاعريءَ جي ٻي وڏي صنف يا نمونو "وائي" آهي؛ جيڪا هر سر جي هر داستان جي آخر ۾ ڏنل هوندي آهي. شاهه لطيف کان اڳ وائي رڳو شاهه عنايت رضوي جي ڪلام ۾ ملي ٿي. پر شاهه لطيف هڪ ته وايون گهڻيون چيون آهن؛ ٻيو ته سندس واين ۾ رس ۽ اثر به جام آهي. وائيءَ جو مطلب آهي ٻول — اُهي ٻول جيڪي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راڳ يا راڳڻيءَ جي ڪنهن سر جي لئه يا تارتي ۾ ٿل هجن. وائيءَ جو وزن به بيت وانگر چند وديا مطابق ٺئي ٿو. اُن ۾ پهرين ٿل هوندو آهي ۽ پوءِ مصراعون، ۽ هر مصرع کان پوءِ ٿل واري وراڻي هوندي آهي:

ٿل:- آءُ پرين! گهر پيهي، ميان چنيسر،
هار هٿان مون چڙهيو.
پيچن ليلا، هو ڪن حيلا، ڀورا اچيو ڀئي،
هار هٿان مون چڙهيو.
دوس نيائون داسڙو، ويساهي ورويهي،
هار هٿان مون چڙهيو.

مٿئين وائي هڪ مصرع جي وائي آهي. پر شاهه لطيف ٻڌي مصرع جي وائي به چئي آهي:

ٿل:- آءُ ٻاروچل اچ، پنهل جام پرچ،
موٽ، وڇوڙو ٿو ماري.
قولن ڪوڙي آهيان، ماحب وٺي سچ،
پيس جنهن جي پناري.

اهي بيت ۽ وايون وري جدا جدا سرن هيٺ ڏنل آهن. شاهه لطيف جي رسالي ۾ ٽن قسمن جا سر ملن ٿا. هڪ اُهي سر جن جا نالا پراڻن راڳن ۽ راڳڻين مطابق رکيل آهن؛ جيئن سر ڪلياڻ، سر يمن ڪلياڻ، سر ڪنڀات (اصل

ڪماچ)، سر سريراڳ، سر سهڻي، سر ديسي، سر حسيني (عربي راڳ)، سر ڪاموڏ (اصل ڪامودا)؛ سر ڪيڏارو؛ سر سورٺ (اصل سؤراشٽر)؛ سر سارنگ؛ سر آسا؛ سر بروو سنڌي؛ سر رامڪلي؛ سر پورب؛ سر پرڀاتي ۽ سر بلاول.

ٻيا سر وري لوڪ داستانن جي نالي پٺيان رکيا ويا آهن؛ جيئن سر سسئي آبري؛ سر ليلا چنيسر. سر مومل راڻو ۽ سر مارئي. ٻيان سر وري اُهي آهن جن جا نالا اُنهن جي مضمونن مطابق رکيا ويا آهن. جيئن سر ساموندي. سر ڪوهياري (ان ۾ سسئيءَ جي پهاڙي سفر جو مضمون آهي). سر معذوري (سسئيءَ کي جبل جي پنڌ ۽ ڏکن جهوري چڏيو آهي ۽ هوءَ معذور يا ڪمزور ٿي پئي آهي). سر گهاتو (شڪار ڪندڙ). سر ڪاهوڙي (سچا فقير). سر رپ (جدائي يا فراق). سر ڪاپائتي (ڪتڻ واري). سر ڪارايل (مور يا هنج) ۽ سر ڏهر (ٽن ٻن جي وچ وارو سخت ميدان).

هرهڪ سر ڪيترن ئي داستانن يا بابن ۾ ورهايل آهي هرهڪ داستان ۾ ٻن مصراعن وارن بيتن کان وٺي نون مصراعن وارا ڪيترائي بيت آهن ۽ هر داستان جي آخر ۾ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ وايون ڏنل آهن.

اِنهن سرن ۾ ڪنهن سر ۾ رڳو هڪ داستان آهي ته ڪنهن ۾ ٻارنهن داستان به آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاعريءَ ۾ خاص ڪري خيال ۽ لفظن ڪي تمام گهڻي اهميت ڏني ويندي آهي. جيڪڏهن خيال سٺو هجي پر ان ڪي بيان ڪرڻ جي لاءِ مناسب لفظ نه هجن ته اهو خيال پڙهندڙن يا ٻڌندڙن تي اثر نه ڪندو. ساڳيءَ ريت جيڪڏهن لفظ سهڻا ۽ سٺا هجن، پر خيال سٺو نه هوندو ته اُهي لفظ ئي بي اثر ثابت ٿيندا. شاهه لطيف جي شاعريءَ جي اصل خوبي اِها آهي ته ان ۾ اعليٰ ۽ اُوچن خيالن ڪي سهڻن ۽ اثرائتن لفظن ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هن جي شاعريءَ ۾ طرح طرح جا مضمون ملندا، جن ۾ تصوف ۽ حقيقي توڙي مجازي عشق جا مضمون خاص آهن. انهن کان سواءِ نصيحت، جنگ، مدح، (ساراهه) ۽ ظرافت (کل ڀوڳ) جهڙن مضمونن تي به بيت آهن.

شاهه لطيف وحدت الوجود جي فلسفي جو مڃيندڙ صوفي بزرگ هو. وحدت الوجود جو مطلب هيءَ آهي ته هن ساري عالم ۾ جيڪي به موجود آهي، اُن جو اصل وجود الله تعاليٰ جي ذات آهي. ٻين لفظن ۾ هڪ ننڍڙي پتيءَ کان وٺي پرندڙ سڄ تائين هر شيءِ ۾ الله تعاليٰ جا جلوا پيا ڏسجن؛ الله تعاليٰ هر شيءِ ۾ ۽ هر هنڌ موجود آهي. تصوف جو اهو مضمون شاهه لطيف جي هر سر ۾ ملندو. پر خاص ڪري سر ڪلياڻ ۾ ۽ سر آسا ۾ ان مضمون کي عشق جي حوالي سان ڏاڍي وڻندڙ انداز ۾ بيان ڪري ٿو. هڪ بيت ۾ فرمائي ٿو:

پاڻهه جل جلاله، پاڻهه جان جمال،
پاڻهه صورت پرين جي، پاڻهه حسن ڪمال،
پاڻهه پير مريد ٿئي، پاڻهه پاڻ خيال،
سڀ سيوئي حال، منجهائي معلوم ٿئي.

انسان جي اندر جي اڌمن ۽ احساسن جي اثرائتن لفظن ۾ تصوير ڪڍڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهه آهي. پر شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جون ڪيترئي تصويرون ڏسڻ ۾ اينديون. سر ساموندي ۾ هڪ عورت جي اندر جو حال هيئن اوريو اٿس: جنهن جو مڙس پنهنجو ٻيڙو سمنڊ ۾ وجهي ڪنهن وڏي سفر تي ٻيو وڃي:

اڄ پڻ وايون ڪن، وڻجارا وڃڻ جيون،
هلڻ هارا سپرين، رهڻ تان نه رهن،
آئون جهليندي ڪيترو، آيل! ساموندين،
ٻگهه چوڙي جن، وڏا ٻيڙا ٻـار ۾.

يا وري راڻي جي رسي وڃڻ کان پوءِ مومل ڏاڍي حيران ۽ پريشان آهي. هن جي انهيءَ پريشانيءَ کي وري هنن لفظن ۾ چٽيو اٿس:

شمع ٻاريندي شب، پرهه ٻاڪون ڪڍيون،
موٽ مران تي ميندرا، راڻا ڪارڻ رب،
تنهنجيءَ تات طلب، ڪاڱ اڏايم ڪاڪ جا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منظرنگاريءَ ۾ شاهه لطيف پنهنجو مٽ پاڻ آهي. ٿر ۾ مينهن وسڻ جو نظارو هجي يا چانڊوڪي رات. تارن جي جهرمر هجي يا ڪڪرن جي ڪارونڀار، سمنڊ جون خوفناڪ لهريون هجن يا منڇر ڍنڍ جي مٿاڇري تي اُتر جي واءُ، شاهه لطيف اهڙن ۽ انهن جهڙن ٻين ڪيترن ئي نظارن کي ڏاڍن من موهيندڙ لفظن ۾ بيان ڪيو آهي. ٿر تي بادل پرجي آيا آهن ۽ ساري رات اُجايل زمين تي مينهن جو وسڪارو ٿيو آهي. ان نظاري کي هن ريت بيان ڪيو اٿس:

اڄ رسيلا رنگ، بادل ڪڍيا برجن سين،
ساز سارنگيون، سرندا، وڄائي برجنگ،
سراحيون سارنگ؛ پلٽيون رات پدام تي.

مومل ۽ سندس سهيلين جي هار سينگار ۽ سندن دل جي حالت کي وري هنن لفظن ۾ لکيو اٿس:

جهڙا پائن پن، تهڙيون سالون مٿن سايون،
عطر ۽ عبير سين، تازا ڪيائون تن،
مڙهيا گهڻو مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن،
سونهن رپي سون سين؛ سندا ڪامڻ ڪن؛
ڪيائون لعل لطيف چئي؛ وڏا ويس ورن؛
منجهه مرڪيس من، سودي سين سنگ ٿيو.

درياءَ جي دهشت کي وري هيئن بيان ڪيو اٿس:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دهشت دم درياهہ ۾، جت لڙ، لهريون، لس، ليٿ.

مٿين سٽ "تجنيس حرفي" جو هڪ سهڻو مثال پڻ آهي. ان سٽ جي پهرين پد (آڌ) ۾ دهشت، دم، دريا، ٽيئي لفظ "د" حرف سان شروع ٿين ٿا. ٻئي پد ۾ وري "ل" حرف سان شروع ٿيندڙ لفظ لڙ، لهريون، لس ۽ ليٿ آهن. لفظن جي اهڙي ترتيب کي تجنيس حرفي چئبو آهي ان جي استعمال جي ڪري شعر ۾ راڳ جهڙو اثر پيدا ٿئي ٿو. شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ تجنيس حرفي عام جام استعمال ٿيل آهي؛ جنهن ڪري پڻ سندس شاعريءَ جي سونهن وينءَ وڌي ويئي آهي.

شاهه لطيف پنهنجيءَ شاعريءَ ۾ سنڌ جي عشقيه داستانن کي پڻ ڳايو آهي. پر ان ۾ ڪوبہ داستان شروع کان وٺي آخر تائين نہ ملندو؛ بلڪ انهن قصن جي رڳو انهن حصن بابت بيت چيا اٿس جن ۾ انساني ڏک ۽ پيڙا پنهنجي چوٽ تي آهي. مثال طور سهڻي ميهار جي قصي جي شروعات سهڻيءَ جي هنن لفظن سان ڪري ٿو:

وهہ تڪ، واهڙ ڏک، جت نينهون، تک نرالي،
جن کي عشق عميق جو، خلوت خيالي،
وارئين سي والي! هينئڙو جن هٿ ڪيو.

سسئي پنهونءَ جو قصو پنجن سرن، سسئي آبري، معذوري،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيسي، ڪوهياري ۽ حسيني ۾ ڇپيا اٿس. شاهه لطيف جا پارکو چون ٿا تہ اهي پنجئي سر شاهه جي شاعريءَ جا شاهڪار آهن؛ جو شاهه اُنهن کي ڏاڍيءَ حب سان ڇيو آهي. ان قصي جو پهريون سر سسئي آبري آهي، جنهن جي شروعات هيٺئين بيت سان ٿئي ٿي:

اول آخر آهہ، هلڻ منهنجو هوت ڏي،
پورهيو سند و پورهيتن، والي! ڪيم وڃاءِ،
سو مون ڏورو لاءِ، جيئن جيئري ملان جت کي.

ليلا چنيسر جي عشقيہ قصي جي شروعات هيئن ڪئي اٿس:

داغ تنهنجو دائما، ماري معذورين؛
سائينءَ ڪارڻ؛ سپرين! وڃج م ڏورين؛
آئون تو حضورين؛ مٺيو وڃهان ميڄ ۾.

مومل راڻي جي عشق جي ڳالهہ هن ريت شروع ڪري ٿو:

ڪالهہ ڳڌيوسون ڪاپڙي؛ بابو بيڪاري؛
سامي سيلو سر تي؛ مالا موچاري؛
ڏيئي ڏيکاري؛ قُٺي دل فقير ويو.

سر مارئي جي شروعات هيٺئين بيت سان ٿئي ٿي:

الست بربڪم؛ جڏهن ڪن پيوم؛
قالوا بليٰ قلب سين، تڏهن تت چيوم،
تنهين ويرڪيوم، وچن ويڙهيچن سين.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مطلب تہ انهن قصن جي پيرائتي ڳالھ ٻڌائڻ جي بدران شاھ لطيف انهن جي سورمين، جھڙوڪ سهڻي، سسئي، مومل ليلا ۽ مارئي جي ان ڪيفيت کي پنهنجي شعر ۾ بيان ڪيو آهي، جڏهن اُهي پنهنجي محبوبن کان وڇڙي جدائي ۽ فراق جون تڪليفون ۽ ڏک سهن ٿيون ۽ پنهنجن محبوبن تائين پهچڻ جي لاءِ پنهنجي جان قربان ڪرڻ کان بہ نہ ٿيون ڪيٻائين. شاھ لطيف مردن جي ڀيٽ ۾ اُنهن عورتن کي سورميون ڪري پيش ڪيو آهي، جيڪي پنهنجيءَ همت، صبر ۽ ارادي جي سچائيءَ جي ڪري سنڌ جون مثالي عورتون آهن.

مارئي هڪ اُبوجھ ۽ مسڪين ڳوٺاڻي آهي. عمر سومرو هن کي پنهنجي ڪوٽ ۾ قيد ڪري پاڻ سان شادي ڪرڻ لاءِ چويس ٿو. پر مارئي ان حاڪم جي هرڪنهن آڇ کي ٺڪرائي ڇڏي ٿي ۽ هر وقت پنهنجي ملير ۽ پنهنجن ماروئڙن کي ياد پئي ڪري. شاھ لطيف مارئيءَ جي دل جي ڳالھ هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

سنهي سَٽيءَ سبيو، مون ماروءَ سين ساھ،
ويٺي ساريان سومرا! گولاڙا ۽ گاھ،
هنيون منهنجو هت ٿيو، هت مٺي ۽ ماھ،
پکن منجھ پساھ، قالب آهي ڪوٽ ۾.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جيڪا ٻولي واپرائي آهي اُها سنڌ جي لاڙ واري علائقي جي ٻولي آهي. هڪڙي عالم جو چوڻ آهي تہ شاهہ لطيف پنهنجي سموري ڪلام ۾ سنڌيءَ جا ڪل ٻارنهن هزار لفظ ڪتب آندا آهن. انهن مان چار هزار لفظ عربي ۽ فارسي ٻولين جا آهن جيڪي پڻ سولا ۽ آسان آهن. ڪيترن بيتن ۾ قرآن شريف جون آيتون پڻ شامل ڪيون اٿس.

شاهہ لطيف سنڌ جو پهريون شاعر آهي جنهن پنهنجي وقت جي پورهيت ماڻهن ۽ سندن ڪرت ڪاروبار جو ذڪر سندن ئي لفظن ۽ لهجي ۾ ڪيو آهي. لوهار جي ڌنڌي جو مثال ڏيندي چوي ٿو:

ڪڙي منجهہ ڪڙو، جئن لوهار لپيٽيو،
منهنجو جيءَ جڙيو، ائين سپرين سين.

ڪورين جي ڌنڌي ۽ سندن محنت جو ذڪر ڪندي ٻڌائي ٿو:

هلو تہ هلون ڪورئين، نازڪ جن جو نينهن،
ڳلدين سارو ڏينهن، چنڻ مور نہ سڪيا،

مگڻهار جو هن ريت ذڪر ڪيو اٿس:

اگهيان پرينءَ پاءِ، پلئہ مگڻهار جئن.

شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ عام ماڻهن جي لهجي کي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قائم رکيو آهي ۽ اُنهن جا اُچار ڪم آندا آهن. مثال طور:

"ساٿي سفر هليا، پِري جنگ جهاج."

"چاندي ڪئُو چلائيين، رپو رِوازي."

"ڪونهي ڪميٽيءَ جو بگر تو هلو."

"سڙهه ڏڪاري صاف ڪر، ماڻڪ ساڻ سپيت."

"دوس تنهنجو داسڙو، ڪاند وڏيائي ڪاء."

مٿين سٽن ۾ جهاز، رواجي؛ بغير، سفيد ۽ دوست جا عوامي اُچار چٽيءَ طرح پڌرا آهن.

انهن مڙني خوبين سان گڏ شاهه لطيف جي شاعريءَ جي هڪ ٻي وڏي خوبي اِها آهي ته سندس هرهڪ بيت ۽ هرڪا وائي سنڌي راڳن ۽ راڳڻين جي مقرر ڪيل سرن ۾ ڳائي سگهجي ٿي. شاعريءَ ۽ راڳ يا موسيقيءَ جو اِهو ميلاپ سنڌي شاعرن جي خاص وصف آهي، جيڪا شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ پنهنجي اوج تي ڏسجي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جو رسالو

حضرت شاهہ عبداللطيف رحمۃالله عليہ جو ڪلام جنهن ڪتاب ۾ ڪٺو ڪيو ويو آهي، تنهن کي ”شاهہ جو رسالو“ چئجي ٿو:

چون ٿا تہ شاهہ لطيف جيڪو بہ ڪلام چوندو هو، اهو سندس فقير ياد ڪري سندس حاضريءَ يا محفل ۾ ڳائيندا هئا. اهو بہ چون ٿا تہ شاهہ لطيف جو هڪ فقير نالي محمد رحيم سندس منشي هو جيڪو لکپڙهہ جو ڪم ڪندو هو. هڪ ٻيو فقير تمر فقير راڳائي هو؛ جيڪو وري ٻين بزرگ صوفين جو ڪلام ۽ خود شاهہ لطيف جـو ڪلام سندس حاضريءَ ۾ ڳائيندو هـو. شاهہ لطيف جو هڪ ٻيو مـريد ۽ ساٿي ميون محمد صلاح فارسي ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو هو ۽ فارسي شاعر مولانا روميءَ جي مثنوي پڙهندو هـو ۽ ان جـي معنيٰ بيان ڪندو هو. اهڙيءَ ريت شاهہ لطيف جيڪو ڪلام چيو اهو تمر فقير ۽ ٻين ياد ڪري ڳايو ۽ فقير محمد رحيم لکي ڇڏيو. پر اهڙو ڪو بہ رسالو هٿ ڪو نہ آيو آهي جيڪو خود شاهہ لطيف جي حياتي ۾ لکيو ويو هجي. سندس ڪلام جو اهڙو پهريون ڪتاب سندس

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وفات کان آٺاويھ سال پوءِ سن ١٨٧٠ع ۾ لکيو ويو؛ جيکو بلڙي شريف ۾ سنڌس ڏاڏي حضرت شاھ عبدالڪريم رحه جي درگاھ تي رکيل ھو ۽ ھن وقت اڻلڀ آھي. ان کانپوءِ بيا ٻه ڪيترائي رسالا ھٿ سان لکيا ويا، جن کي قلمي نسخا چيو وڃي ٿو.

انهن قلمي رسالن ۾ ڪي رسالا سرود يا سر سسئي جي ھن بيت سان شروع ٿين ٿا:

ويءِ تي وايون ڪري، ڪنل ڪوڪاري،
ھن پڻ پانھنجا ساريا، ھوءَ ھنجھوں ھڏن لئي ھاري.

بيا قلمي رسالا سرود يا سر سسئي جي ھيٺئين بيت سان شروع ٿين ٿا:

پرتوو پنوھ جو؛ جوڙ جيئن جهالا ڏي؛
آءُ تنھ آريءَ کي؛ ونيو راھ رڻان گهٽو.

ڪن قلمي رسالن جي شروعات سر ڪلياڻ جي ھن بيت سان ڪئي ويئي آھي:

اول الله عليم؛ اعلي عالم جو ڌڻي،
قادر پنھنجي قدرت سين؛ قائم آھي قديم؛
والي واحد وحدہ؛ رازق رب رحيم؛
سو ساراہ سچو ڌڻي؛ چئي حمد حڪيم؛
ڪري پاڻ ڪريم؛ جوڙون جوڙ جهان جو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قلمي نسخن جي ان ترتيب جو سبب هيءُ ٻڌايو ويو آهي ته شاهه لطيف سُٽي پنهنجو قصو جيئن ته پنهنجن سرن ۾ لکيو ۽ انهن سرن ۾ سندس اعليٰ درجي جي شاعري آهي، تنهن ڪري اوائلي قلمي نسخن جي شروعات، انهيءَ سر سان ڪئي ويئي. پر پوءِ رسالي جي سرن جي ترتيب انهن راڳن مطابق رکي ويئي جيڪي رات جو ٩ بجي کان وٺي فجر تائين جدا جدا وقتن تي ڳايا ويندا آهن. ان ترتيب مطابق پهرين سر ڪلياڻ رکيو ويو جيڪو رات جو پهرئين پهر ۾ ڳائبو آهي.

شاهه لطيف جي وفات کان ١١٤ سال پوءِ سن ١٨٦٦ع ۾ وري شاهه جو رسالو مشين تي ڇپيو. جنهن کي ڇاپي نسخو چئجي ٿو. اهو نسخو هڪ جرمن عالم ارنيسٽ ٽرمپ تيار ڪري جرمنيءَ جي شهر ليپزگ پاليسيا مان ڇپائي پڌرو ڪيو. انهي ڇاپي کان پوءِ ڪيترن ئي عالمن شاهه جي رسالي کي پنهنجيءَ جاچ ۽ علم مطابق مرتب ڪري ڇپايو آهي. انهن ۾ ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻيءَ جي مرتب ڪيل رسالي کي ڏاڍي مقبوليت حاصل ٿي.

رسالي جي معنيٰ آهي ميڙ يا مجموعو. ڏٺو وڃي ته پراڻي وقت جي قلمي توڙي ڇاپي نسخن ۾ شاهه لطيف جي ڪلام سان گڏ ٻين اُنهن شاعرن جو ڪلام به اچي ويو آهي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪو سنڌس حاضريءَ ۾ فقير ڳائيندا هئا. پر پوءِ چند چاڻ ڪري جيڪي رسالا ڇاپيا ويا آهن، تن ۾ ڪوشش ڪئي ويئي آهي ته ٻين شاعرن جو ڪلامُ ڏار ڪري رڳو شاهه لطيف جو ڪلام رکجي. اهڙن ڇاپي رسالن ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضي جي مرتب ڪيل رسالي کي اعتبار جوڳو سمجهيو ويجي ٿو.

اهڙيءَ ريت شاهه لطيف جي ڪلام جا هٿ سان لکيل (قلمي) رسالا ڪل ٣١ مليا آهن ۽ ڇاپي رسالا ٢٢ آهن. انهن قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ سرن جي ترتيب ۽ تعداد ۾ پڻ فرق آهي. ڪن رسالن ۾ سرن جو تعداد اٺاويهه آهي ته ڪن ۾ وري ڇاليهه. بيتن ۽ واين جي تعداد ۾ به فرق آهي؛ ڪن قلمي توڙي ڇاپي رسالن ۾ بيتن جو تعداد ڏيڍ هزار ڪن آهي ته ڪن ۾ پنج هزار وايون به؛ ڪن ۾ سٺ ته ڪن ۾ ٽي سؤ. مطلب ته قلمي توڙي ڇاپي نسخن ۾ ڪوبه اهڙو نسخو ڪونهي جنهن ۾ رڳو شاهه لطيف جوئي ڪلام هجي. تنهنڪري سنڌس مستند ڪلام کي مرتب ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن ۽ ان ڏس ۾ سنڌ جي نامياري عالم ۽ محقق ڊاڪٽر نبي‌بخش خان بلوچ جي ڪوشش ۽ تحقيق تعريف جوڳي آهي.

هن وقت تائين شاهه لطيف جي ڪلام جا ٻين ٻولين جهڙوڪ فارسي، عربي، اُردو، هندي، انگريزي، جرمن ۽ روسي ٻولين ۾ پڻ ترجما ٿيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# شاهہ جو پيغام

حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمۃالله عليه پنهنجي ڪلام ۾ انسان ذات جي اعليٰ قدرن جو ورور ذڪر ڪيو آهي. الله تعاليٰ جي هيڪڙائيءَ جو اقرار ڪرڻ، پنهنجي پنهنجي دين مذهب تي قائم رهڻ، سچ ڳالهائڻ، نيڪي ڪرڻ، مظلومن ۽ بيوسن جي مدد ڪرڻ، همت ۽ سورهيائي ڏيکارڻ، وطن ۽ ملڪ سان پيار ڪرڻ، انسانن جي عزت احترام ڪرڻ، مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ. اهي ۽ ٻيا ڪيترائي اهڙا احساس ۽ جذبا آهن، جن کي اعليٰ قدر چيو وڃي ٿو. انساني زندگيءَ ۾ جيڪڏهن اهي اعليٰ قدر نہ هجن تہ هوندا اها ڦري حيواني زندگي ٿي پوي. تنهنڪري دنيا ۾ هرهنڌ انهن قدرن کي عزت ۽ احترام جي نظرن سان ڏٺو ويندو آهي.

شاهہ لطيف جي رسالي جي شروعات ۾ خدا تعاليٰ جي حمد ۽ ساراهہ سان ٿئي ٿي، جيڪو رحيم، ڪريم ۽ مالڪ آهي. شاهہ لطيف فرمائي ٿو:

آول الله عليم، اعليٰ عالم جو ڌڻي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

قادرُ پنهنجي قدرت سين؛ قائم آهي قديمُ؛
والـيَ واحـــد وحده؛ رازق رب رحيمُ؛
سو سارءِ سچو ڌڻي؛ چئي حمد حڪيمُ؛
ڪري پاڻ ڪريمُ؛ جوڙون جوڙ جهان جون.

الله تعاليٰ جي ان سارهہ ۽ صفت ڪرڻ کان پوءِ شاهہ لطيف اُن جي آخري پيغمبر حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي عظمت ۽ بزرگي هن ريت بيان ڪئي آهي:

وحده لا شريڪ له، جان تو چئين اِئين،
تان مڃ محمد ڪارڻي، نرتوُن منجهان نينهن،
سو تون وڃيو ڪئين، نايين ڪنڌ ٻين کي.

شاهہ لطيف جي خيـال ۾ هٿ ۽ وڏائي هرگز نه ڪرڻ گهرجي، ڇو جو اهڙي ماڻهوءَ جي نماز به قبول نه ٿي ٿئي. هڪ بيت ۾ فرمائي ٿو:

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان نِاهِه نماز،
سڀ وڃائي ساز، تهان پـوءِ تڪبير چؤ.

انسان جو وڏي ۾ وڏو دشمن خود سندس ئي ڪاوڙ ۽ ڪروڌ آهي. شاهہ لطيف ڪاوڙ ۽ ڪروڌ (ڏمر) کي وڪ يعني زهر سڏي ٿو ۽ اُن جي ڀيٽ ۾ صبر جي سارهہ ڪري ٿو ۽ نياز ۽ نئڙت سان هلڻ جي هدايت ڪري ٿو:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نمي ڪمي نهار؛ تو ۾ ڏمر وڏو وڪ،
منجهان صبر سڪ، جي سنواريا! سمجهين.

هڪ ٻئي بيت ۾ فرمائي ٿو:

صبر جي شمشير سان، ڪر ڪيني کي قتلام،
تہ ڏانگا تنهنجو ڏانءُ ليکي لاهوتين ۾.

اهڙيءَ ريت شاهہ لطيف فرمائي ٿو تہ هٺ، ڪاوڙ، ڪروڌ ۽ وڏائيءَ جهڙين خراب خصلتن کي ڇڏي، صبر، شڪر، هيٺاهين؛ ۽ نئڙت جهڙين اعليٰ قدرن کي اختيار ڪريو ساڳيءَ ريت شاهہ لطيف پنهنجي ڪلام ۾ عشق يا محبت کي بہ وڏو مان ڏنو آهي. ونس عشق جو مطلب دنيا جو عشق نہ پر هڪ اهڙو احساس ۽ جذبو آهي؛ جنهن کان سواءِ دنيا جو ڪو بہ ڪم سولو ٿي نہ ٿو سگهي. عشق ۽ محبت جي احساس جي ڪري انسان اڻ ٿيڻيون ڳالهيون ڪري ڏيکاري ٿو؛ حيرت ۾ وجهندڙ ڪارناما ڪري سگهي ٿو!

چوي ٿو تہ اي انسان! تنهنجو سودو تڏهن لاڀ وارو يا ڪمائتو ٿيندو جڏهن تنهنجيءَ دل ۾ محبت جو مچ ٻريل هوندو:

محبت سندو من ۾، ماڻڪ! ٻارج مچ،
ان پر اُٿي اُچ، تہ سودو ٿيئي سڦرو.

سر ڪاپائتي ۾ سٽ ڪتڻ واريءَ کي ٻڌائي ٿو تہ صرافن

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٽ اُهو ٽلهو سٽ به اڻ ڌوريو قبول ٿي ويندو، جيڪو دل سان ڪتيل هوندو:

محبت پائي من ۾، رندا روڙيا جن،
ڏن جو صرافن، اڻ ڌوريو آگهايو.

پر عشق يا محبت ٻارن جي راند نه؛ بلڪ هڪ اهڙو سودو آهي، جنهن ۾ جان جي بازي لڳائڻي پوي ٿي ۽ سر جو سودو ڪرڻو پوي ٿو:

عشق نه اهڙي راند، ته ڪي ڪنس ڳيرو؛
جيءُ جسي ۽ جان جي، پڇي جو هيڪاند؛
سسي نيزي پاند، اُچل ته آڏ ٿئي.

جن ماڻهن جي دل ۾ عشق جا احساس ۽ اُڌماءَ آهن؛ ڏن لاءِ مرڻ يا موڙڻ مٺو آهي. سندن سينگار ته سوري آهي. ڇو جو اُنهن ڪسڻ جو اقرار ڪيو آهي:

سوري آهه سينگار، اڳهين عاشقن جو،
مرڻ، موڙڻ ميهٺو، ٿيا نظاري نروار،
ڪسڻ جو قرار، اصل عاشقن کي.

تنهنڪري عاشق نه موت جي اڳيان به ڳاٽ اُوچو ڪري ويندو آهي:

عاشق آجل سامهان، اوچي ڳاٽ اچن.

شاهه لطيف وٽ ٻيو وڏو قدر آهي، جدوجهد يا ڪوشش،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس سمورو ڪلام انهيءَ قدر جي مثالن سان ڀريو پيو آهي هو پنهنجي سيني ڪردارن کي اهائي هدايت ڪري ٿو ته ماڻ ڪري نه ويهو. اُٿو ۽ اڳتي وڌو، ڪوشش ڪريو. مقصد تڏهن حاصل ٿيندو جڏهن سک ۽ آرام ڦٽو ڪري منزل ڏانهن وک وڌائيبي. سلطاني ياڳ ننڊن ڪرڻ سان نه پر ڪوشش سان ملندو آهي:

ستا اُٿي جاڳ، ننڊ نه ڪجي ايتري،
تو جو سانڍيهه ياڻئيو، سو مانجهاندي جو ماڳ،
سلطانـي سهاڳ، ننڊون ڪندي نه ٿئي.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو ته اُهي ماڻهو ڀلا پنهنجن محبن سان ڪيئن ملي سگهندا (يعني پنهنجي منزل تي ڪيئن پهچندا) جيڪي سنجهي ئي سمهي رهندا (يعني ڪاهه ڪوشش نه ڪندا):

سي ڪيئن محب مڙن؟ جي سنجهي رهن سمهي!

شاهه لطيف جو خيال آهي ته محنت، ڪوشش ۽ جدوجهد جو ڦل ضرور ملندو. رڳو همت ڪري وک اڳتي وڌائڻي آهي. ان جو مثال اُهڻ ٽوٻڻ جو ڏئي ٿو جيڪي اُونهي سمنڊ جي تري ۾ وڃي سچن ۽ قيمتي موتين واريون سپون ڳولي ايندا آهن. فرمائي ٿو ته:

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪاڻو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪڍيون، پاتاران پيهي،
پسندا سيئي، املهه اڪڙيـن سيـن.

انهيءَ ڪوشش ۽ جدوجهد لاءِ وري شرط هيءَ آهي ته انسان سستيءَ ۽ غفلت کي ڦٽو ڪري سجاڳ ٿئي. ان ڏانهن اشارو ڪندي شاهه لطيف فرمائي ٿو ته:

ڊنگيءَ ۾ ڏاڍا، وڌي وجهه وڪر جا؛
وير وڙهندئي ويسرا؛ وهه م وڃاڻا؛
هيءَ ڏنڌ ڏڇاڙان؛ ڪڏهن ڪڍندئي ڪن ۾.

انهيءَ سان گڏ هيءَ به هدايت ڪري ٿو ته انسان کي کپي ته پنهنجو پاڻ تي ڀروسو ڪري. ڇوجو ڪڏهن ڪنهن تڪليف يا ڏکيائيءَ ۾ ڦاسندو ته ٻيو ڪوبه ڪيس مدد نه ڪندو. فرمائي ٿو ته جڏهن ڏون اڃا سمنڊ جي ڪناري تي هجين ته پنهنجي ٻيڙيءَ کي چڱيءَ طرح ڏس. ڇو جو جڏهن وچ سمنڊ ۾ پهچي اُن ۾ ڪا خرابي ٿي پئي ته پوءِ تنهنجي ڪوبه مدد نه ڪري سگهندو:

ڏانگهي ۾ ڏاڍي، ٻڌ پنهنجو ترهو،
اُونهي ۾ آڏي؛ ڪوڻ ڏيندءِ ٻيو ڪو.

شاهه لطيف جي خيال ۾ پنهنجي حق کي حاصل ڪرڻ جو احساس به هڪ وڏو قدر آهي. سسئيءَ جي پنهجن ڳي سرن ۾ انهيءَ قدر کي ورجايو اٿس؛ سسئيءَ ڪان سنڌءِس ڏير حق معني پنهون ڦري هليا وڃن ٿا. هوءَ پنهونءَ جي پٺيان وڃي ٿي؛ پر اڳيان ڏونگر جا ڏکيا پنڌ آهن. شاهه لطيف

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سسئيءَ کي همتائي ٿو ته ڀنڀور ۾ مانُ ڪري نه ويهه، اُٺي دانهون ڪوڪون ڪر ته خود جبل توکي ڀڏائيندو ته اُنَ کهڙي پاسي ويا:

ويهه م منڌ! ڀنڀور ۾، ڪرڪو واڪو وس،
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر ڏيندءِ ڏس،
پنهون اُٺي پس، سر ڀر هلي سسئي.

سسئيءَ کي ته اڳين به چوي ٿو ته گرمي سردي کي نه ڏس. اڳين نه ٿئي جو رات ٿي وڃي ۽ توکي پنهونءَ جو پير به ڏسڻ ۾ نه اچي:

تتي ٿڌي ڪاهه، ڏاهي ويل ويهڻ جي،
متان ٿئي اونداهه، پير ڏلهين پرينءَ جو.

شاهه لطيف وطن سان پيار جهڙي اوچي قدر جي اپٽار وري عمر مارئي جي قصي جي وسيلي ڪئي آهي. عمر جيتوڻيڪ هڪ حاڪم آهي ۽ سندس ڪوٽ ۾ زندگيءَ جي هرڪا خوشي موجود آهي. پر مارئي هڪ غريب ڳوٺاڻي سندس هرهڪ آڇ کي ٺڏي ڇڏي ٿي ۽ عمر جي محل کي پنهنجي غريباڻي جهوپڙيءَ جي ڀيٽ ۾ تيچ سمجهي ٿي. شاهه لطيف ان اعليٰ قدر کي مارئيءَ جي واتان هن ريت بيان ڪيو آهي:

ايءَ نه مارن ريت، جئن سيڻ مٽائن سون تي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڇي عمرڪوٽ ۾، ڪنديس ڪاڻ ڪريت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نه منيان.

پنهنجي ملڪ ۽ وطن سان پيار ڪرڻ ۽ پنهنجي لاءِ دل ۾ اُڪير رکڻ هر انسان جي فطرت آهي. ماڻهو جنهن هنڌ پيدا ٿئي ٿو، اُن زمين سان سندس ازلي لاڳاپو هوندو آهي. وطن سان پيار ڪرڻ شاهه لطيف وٽ تمام اوچو قدر آهي. هو سارنگ کي پاڏائي ڏو ته اُجين جي اڇي ڪا سار لهه ۽ وطن تي اينرو ته مينهن وساءِ جو آن سستو ٿئي ۽ وطن وارا سکيا ٿين:

سارنگ سار لهيج، الله لڳ اُجين جي،
پاڻي پوڄ پٽن ۾، آرزان آن ڪريج،
وطن وسائيج، ته سنگهارن سک ٿئي.

شاهه لطيف هڪ انسان دوست ۽ پيار ۽ آمن جو پرچار ڪندڙ شاعر آهي. هو ماڻهن کي مٺ محبت ۽ پيار سان رهڻ جو پيغام ڏيندي فرمائي ٿو ته پاڻ ۾ ايڪو ۽ اتحاد قائم ڪريو ۽ جهيڙي جنگ کان پاسو ڪريو. ان لاءِ پکين جو مثال ڏئي ٿو، جيڪي پاڻ ۾ گڏجي اُڏامندا آهن ۽ ڪڏهن به هڪ ٻئي کان جدا نه ٿيندا آهن:

وڳر ڪيو وتن، پرت نه ڇنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڙهنئان ميٺ گهٽو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اِنهن اعليٰ قدرن جي ڪري شاهہ لطيف جو پيغام رڳو سنڌ وارن جي لاءِ ڪونهي، پر سڄيءَ دنيا جي انسانن جي لاءِ پڻ آهي. تڏهن تہ دعا فرمائي اٿس تہ شال سنڌ بہ سکي هجي ۽ سارو عالم بہ آباد هجي:

ساڱينم سدائين، ڪرين مٿي سنڌ سڪار،
دوست تون دلدار، عالم سڀ آباد ڪرين.

* پورو ٿيو *

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سَتا اُٺي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري،
تو جو ساڙيهہ پائيو، سو ماڻهاڻدي جو ماڳ،
ساطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ٿئي.

نمي ڪمي نهار: تو ۾ ڏمر وڏو وڪ،
منجهان صبر سڪ، جي سنواريا! سمجهين.

ويا جي عميق ڏي، منهن ڪاڏو ڏيئي،
تن سپون سوجهي ڪيڊون، پاتاران پيهي،
پسندا سيئي، آماهہ اکڙين سين.

محبت پائي من ۾، رنڊا روڙيا جن،
تن جو صرافن، آڻ ٿوريو آگهايو،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو.

اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

books.sindhsalamat.com

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book